SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2007
SINDH ACT NO.I OF 2007
سنڌ ماليات ايڪٽ، 2007
THE SINDH FINANCE ACT, 2007

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1958 جي سنڌ ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXXII of 1958
3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1977

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2007
SINDH ACT NO.I OF 2007
سنڌ ماليات ايڪٽ، 2007
THE SINDH FINANCE ACT, 2007

[26 جولاءِ 2007]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه محصولن کي معقول بڻايو ويندو ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪجهه محصولن کي معقول بڻائڻ ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت جوڙيو نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 2007 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 2007 کان لاڳو ٿيندو.

1958 جي سنڌ ايڪٽ XXXII جي ترميم Amendment of Sindh Act XXXII of 1958

2. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول جي جريان نمبر 3 ۾، داخلا (c) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(c) ٽرڪون يا ٽريلر:

(ii) 8121 ڪلو گرام کان وڌيڪ (پريل وزن) پر 16000 ڪلو گرام کان وڌيڪ نه هجي. 6000 رپيا

(ii) 160001 ڪلو گرام کان وڌيڪ (پريل وزن) پر 29999 ڪلو گرام کان وڌيڪ نه هجي. 8000 رپيا."

1977 جي سنڌ ايڪٽ

3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعه 8 ۾، ذيلي دفعه

VII جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1977

(1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ڏيندو:

"(1) هوٽلن تي ملهہ جي حساب سان رهائش اختيار ڪندڙ في ماڻهو جي هڪ ڏينهن جي روم جي ڀاڙي جي ساڍا ست سيڪڙو قيمت تي سمورن رهائش اختيارن ڪندڙن جي پنجاسي سيڪڙو فليٽ ريٽ هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو.".

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.